سنڌي لاڏا ۽ ڏوهيڙا

(سنڌي، لاڏا، ڏوهيڙا سهرا، ساکيون، اوليون ۽ ماڏا جا اولاڏا)

مرتب:- ڪي- بي- بجاج

قيمت:- 1-00 روپيه

ڇپائيندڙ: جهولي لعل پبليڪيشن

ڏاڍن جو ٽڪاڻو، باغ حيات علي شاه سکر

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

سنڌي لاڏا ۽ ڏوهيڙا

لاڏو

لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو- جواني سدا ماڻيندو
ڳوٺهي ڳوٺهي شهر مان- حسن جي حور آڻيندو
پري پڙس مان آڻيندو- لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو

١- لاڏو ڪنوار لاءِ سونا زيور گهرائيندو
سڪ مان سينگاري لاڏئيءَ کي سجائيندو
پريم مان پڪڙ پائيندو.
لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو

٢- لاڏو ڪنوار لاءِ وڳا گهرائيندو
سهڻيون ساڙهيون وڏي ونڙيءَ کي پائيندو
سدا جواني ماڻيندو — لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو

٣- لاڏو ڪنوار لاءِ پلنگ گهرائيندو
سيج وڇائي خوشبون مڻائيندو.
سدائين گلي سان لڳائيندو - لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو

٤- لاڏو ڪنوار کي سئنيما گهمائيندو
موٽر ۾ چاڙهي سير ڪرائيندو
"اتم" موجون ماڻيندو، لاڏو ڪنوار سهڻي آڻيندو.

SOORIH SINDHI ADAB

ڏوهيڙو

لوڏ نہ تنهنجي سپرين، مان سون ۾ سڄاڻان
منهنجي دل توڏي گهڻي، پر تنهنجي نہ ڄاڻان
رسڻ جا ماڻا، ڪنهن ڪان سکئين سپرين.

لاڏو- ٢

طرز :- يہ دو ديوانے دل ڪے

ٽل: تون وچين تووچين ٿو- مناسهرن پاڻ سينگاري

١- ٽيلرنگ جو سوٽ پائي- باٽا جو بوٽ پائي
وار ڏٺ سان ٺاهي- عطر سينٽ لائي
هٿ ۾ ريشمي رومال تون وچين..............

٢- سهرو سڪ ۾ پيار ڏيندءِ ڪاٺ لاءِ مال ينداءِ
سسڙي بہ آئيندءِ لڪائي، منايون جام ڏيندءِ
خيرن تي ڏيندءِ سٺيوساپوڙيون ڪچوريون تون وچين ٿو....

٣- گڏ گهمڻ ونـي ويندي سالا
ڪارائيندءِ بسڪيٽ چانهہ جا پيالا
ونـي ڏيندي سوپاري منو پان
تون وچين ٿو ....

٤- ساليون ڪارائيندءِ ڪشمش ڪاڇا
گهرائي بازار مان ڏيندءِ ميوا تازا

SOORIH SINDHI ADAB

ڪائيندين تون خوش ٿي
مکڙو تنهنجو ٽڙندو—تون وڃين..........

٥— توکي سي ڪنوار تنهنجي ترندي
”اتم“ خوش ٿي توکي سڪ سان چوندي
رهي پڻ ڪيچ راتيون
ڪريون مٺيون، لاتيون — تون وڃين..........

ٽوهيڙو

ماڙيءَ ۾ منهنجا پرين — تون بنگلي ۾ ٿي بيٺ
شيشو ڏيانءِ شراب جو — تون ڪري پيءُ
آءُ چڙان جيءَ — مر پڇن پاڙي واريون

لاڏو— ٣

سهڻي ملبس ڪنوار — لاڏو چو نه خوش لڳي
موسل ملبس ڪنوار — لاڏو چو نه خوش ٿئي
لاڏو چو نه خوش ٿئي- لوڏي پاتهن مشڪي

١— گرن وٺ وچي جنهن باسون ٻاسيون
پنيون تنهنجون پورن آسون
جڳ لاڏل جي چانديءَ ۾ چمڪي
لاڏو چو نه خوش ٿئي لوڏي پاتهن مشڪي
٢— سيڻ ڏسي جنهنجا نريا نيڻ نرمل

SOORIH SINDHI ADAB

بابو لاڏل جو سون وانگر ڀهڪي
لاڏو چو نہ خوش ٿئي- لوڏي ٻاهن مشڪي

۳- هت ۾ بابل جي نوٽن جي ٿيلهي
مٿان پاءُ لاڏل جو گهورون پيو گهوري
لاڏو چو نہ خوش ٿئي لوڏي ٻانهن مشڪي

۴- پيڻ لاڏل جي پائي چپر چمڪائي
ممي چو نہ سڪين سان لاڏا گيت ڳائي
لاڏو چو نہ خوش ٿئي- وڏي ٻانهن مشڪي.

۵- ويجهو وچي ساليون، ڪري مٺيون ڳالهيون
سالا بہ ڏاڍا خوش ٿيا، سنگ ناتو جوڙي
لاڏو چو نہ خوش، ٿئي- لوڏي ٻانهن مشڪي.

۶- ”اثر“ بہ نياڻو ڏسي، نياڻي ڪيو مانڊي سنگ سجائي
سهرو لاڏل جو پيو، محفل ۾ مشڪي
لاڏو چو نہ خوش ٿئي، لوڏي ٻانهن مشڪي

ڏوهيڙو

يار تہ ڪيم سهڻو، مثل موتي داڻو
رات جو رسمي وچي محبوب ڪيو ماڻو
”اثر“ اهڙو مون سياڻو، آئو ڪاٿي ڪينڪي

لاڏو

ٽل:- لاڏل کي ٽي آءٌ پرڻايان- سهڻل کي ٽي آءٌ پرڻايا

١- اسانجي لاڏيءَ کي ايرينگ سهندا -ڦلين جوڙ ٺهايان
ميندڙي ٽي لايان - لاڏل کي ٽي.......

٢- اسانجي لاڏيءَ کي ساڙهي سونهندي
لاکيٽ جوڙايا سيج وڇايان - لاڏل کي ٽي....

٣- اسانجي لاڏيءَ کي چوڙا سهندا
ڪنگڻ جوڙايان خوشي مڻايان - لاڏل کي ٽي....

٤- اسانجي لاڏيءَ کي پازيب سونهندا
چيرين جوڙ ٺهايان- ناچو نچايان - لاڏل کي ٽي....

٥- اسانجي لاڏيءَ کي والا سونهندا
موتيءَ جوڙايان- پال پلايان - لاڏل کي ٽي..........

٦- هٿ لاڏيءَ کي مينديءَ رتڙا
منهن مهتاب اکيون لال گلڙا
ڪجل خوب لڳايان- سيج وڇايان - لاڏل کي ٽي....

٧- "اتم" لاڏيءَ کي نٿڙي سونهندي
جهومر جوڙ ٺهايان گيتڙا ڳايان - لاڏل کي ٽي....

٨- اسانجي لاڏيءَ کي واچ سونهندي
هيرا جوڙ ٺهايان - خوشيون مڻايان - لاڏل کي

ڏوهيڙو

سنها ماڻهو سهڻا، سهسين ڪن سينگار
جن جا اول گلابي ڳاڙها، سهڻا وار زلفيدار
ڏند تہ موتين جهڙا، سهڻا چپ چمڪيدار
موهيندا رهن ٿا سڀ ڪي، بيحد بيشمار
”اتم“ ڏسي دل بهار، ماڻهو مرن ٿا حسن تي.

لاڏو

منهنجا مور لاڏا   تنهنجي سولي ڪئي ستنام
منهنجا مور لاڏا
١- رک صندليءَ تي پير   آهين وڏو شمسير
گهورون گهورينداءِ ماءُ، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪئي ستنام.........
٢- چڙهي گهوڙي تي گهوٽ
گهوريان تنهنجي مٿان نوٽ
صدقو وڃيئي پيءُ، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪئي ستنام.........
٣- وڃ ساهري تون گهر - پنهنجي ونڙيءَ جي در
توتان گهور گهورينداءِ پيءُ، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪئي ستنام.........

٤- سهڻي ونڙي تون آهن - سدا موجون تنهنسان ماڻ
سڙي چڙهنده ساه، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪٽي سنام......تنهنجي سولي

٥- رک پلنگ تي پير ايندم لاڏي پائي ڇير
ڪاءَ پريم سان پلاءَ، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪٽي سنام....تنهنجي سولي....

٦- "اتم" ماءُ سندي پياس ڪٽي پوري گروءَ آس
شل لڳي سٺائو واءُ، منهنجا مور لاڏا
تنهنجي سولي ڪٽي سنام....تنهنجي سولي....

ڏوهيڙو

سنها ماڻهو سهڻا - لهڪڙن جان لچڪن
پير تہ جنجا پتنگڙا - جتيءَ ۾ چهڪن
جتي جيسلمير ڪان آندي استادن
هيٺيون لالان لاک جون مٿان ٺنور ٺلن-

لاڏو

منهنجا ونهيا لاڏا شل سدا سک پائين
سدا سک پائين لچا رکندس سائين.
١- تنهنجي چهنڊ سان ٽيو اگهڻ منهنجو ٽيوسائو
لولي ڏيڻ سان ٽيو ماءُ جو لايو سجايو

لڏين لوليءَ ۾ شال — شل سدا سک پائين.

٢- چنڊ چيٽي تي تنهنجو — منق لهرائيندس
لعل جي مندر ۾ وچي — منٿايون ورهائيندس
ڪٽي حلوي جو ٿالهه — شل سدا سک پائين.

٣- جڻئي تنهنجي تي بينڊ — باجا گهرائيندس
نانو ناني تنهنجو — پيا مائٽ گهرائيندس
گهورون گهوريندا — شال سدا سک پائين.

٤- سهڻي پٽ کي ڪنوار — پرڻائيندس
لاڏي لاڏيءَ لاءِ — خوشيون منائيندس
منهنجو ڏيءَ دراهو سوال — شل سدا سک مائين

٥- لاڏي لاڏيءَ ٠آن نيٺ — گنج ٿي پوندا
”اتم“ آ آشا پورن — پٽ پوٽا چمندا جام
سدا جواني ماڻيندا — شال سدا سک پائين.

ڏوهيڙو

سڄڻ وارءِ نينگري، — ٻکي ونڊوساڻ
پٽر ڪٽي پٽ تان، — چپاهه پجندوساڻ
اڱين نيڻدوساڻ — جيئڻ واڌو نيڻين وڻ کي

لاڏو

راڻل تنهنجي راهه   نهاريان مان

نهاريان مان، او نهاريان مان - راڻل..........

١- ٻند پچايان ڪانگ اڏايان - ساڄن تو لاءِ ڦارون پايان
گهوٽ ٻنا ڪيئن گهاريان مان - راڻل.......

٢- جهڙي تهڙي مان تنهنجي آهيان
توسان ڪهڙو سينو ساهيان
گولي ٿي ته گذاريان مان - راڻل...........

٣- آءٌ نماڻيءَ جي گهر پيهي
سور سليان ڪي توسان ويهي
ڏوڻن ڪنهن کي پڪاريان مان - راڻل.............

٤- "رام" چوي هڪوار جي مون وٽ
پريت مان پريتم پيرو پائين
جان ٻه توتان واريان مان --- راڻل..................

(رام پنجواڻي "سڪ جي سوغات تان" ورتل)

ڏوهيڙو

يار ته ڪجي نئنڍڙو،   محب اکين جو مور
اونداهين ۾ اڇڙو،   چانڊوڪين جو چور
حاڪم جيڏو زور،   آهي منهنجي يار کي.

ڏوهيڙو (ماسٽر چندر)

١- تون آهين منهنجو هڪ ڪم ڏيوارو
ڪريو نه ڪو نهي - اڇي لاءِ منهنجو رکو غم ڏيوارو.

٢- جنهن ڳالهه تي تو کيو ناز آهي
مان به سمجهان ٿو انهيءَ ۾
رکيل هڪ وڏو راز آهي.

٣- مزو ناهي من ۾ دل جي چمن ۾ - صدقي وڃان سهڻا
هڪ پيرو هلي آءُ منهنجي وطن ۾.

٤- گهنڊيندس نه چندس - پيو نانءُ گهنهندس
چنڊ ۾ رکيو چاهي
چندين جي ناتو آ به مان چندس.

٥- سنڌڙيءَ ۾ سهڻا هڪوار اچجانءِ
چڱي چا ٻڌايان "چندر" سان ملجانءِ
ملي يار ڪلچانءِ

ڏوهيڙو

جاني جاني ڪري رهيس — مونکي جاني سڌ نه ڏي
رنو به ڪالهه رات جو، — اڄ ڏينهان پرچي جي
پايان پاند ڳچيءَ ۾، — آءُ وڃان جانيءَ ڏي
جانيءَ سندا مهڻا، — مونکي لوڪ سڃوئي ڏي
آءُ پنهنجي جاني کي، — ڪي ڳٺڙ سان ڳنهي وٺان.

لاڏو

طرز:- راڻا وڃ نہ ڇڏي- پکو مان جهليندي مانء

ٿلهہ:- چڙهي گهوٽ گهوڙيءَ لاڏو لاڏي آڻيندو

لاڏو لاڏي آڻيندو

جواني شال ماڻيندو، پٽ راڻي آڻيندو.

۱- اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا- او ڪجل جوڙ ٺهايو

چڙهي گهوٽ گهوڙيءَ - جوڙل مومل ماڻيندو.

۲- ڏند پورل جا ماڻڪ موتي - سرخيءَ هي رنگ، لايو

چڙهي گهوٽ گهوڙيءَ - لاڏل سورٺ آڻيندو.

۳- هٿ جوڙل جا ميندي رتڙا- او ڳاني جوڙ ٺهايو.

چڙهي گهوٽ گهوڙيءَ - گهر ڏياڻي آڻيندو.

۴- چپ "سانول" چوي لعل گلابي - او لاليءَ هي رنگ لايو

چڙهي گهوٽ گهوڙيءَ - ڳاڙهيءَ ڪنوار آڻيندو.

ڏوهيڙو

پرين ٻنا پردیس ۾ ڏاڍا لاتا ڏيـــنهن
وس نہ هلي منهنجو ڪريان هٿ ڪيئن
آب وڃي اکين مان نيڻن ڏمي ميـنهن
سال لنگهي ويا سڪ ۾ سانول جلي جانب جيءَ.

* لاڏو *

طرز:- چاند کا مکھڑا کیوں شرمائے

ٿلهه:- لاڏل جو لاڏو سجايو - بينڊ باجا خوب وڄايو.

١- گهوٽ چڙهي ٿو گهوڙي - ساهري ويندو ٻوڙي
گهوٽ ڪنوار جي ٻٽي آهي جوڙي
خوب خوشيءَ مان لاڏا ڳايو.

٢- گهوٽ آڻيندو راڻي، - هوندي ڏاڍي سياڻي
ٿيندي بيشڪ گهر جي ڏياڻي- ڏينهن سڀاڳو اڄ آيو.

٣- سالا ملندا سالهون - ڏاجي ۾ ڏيندا ڏاليون
ساهري وڃي ڪندو ڳجهه جون ڳالهيون
مهر جو "سانول" مينهن آ وسايو.

ڏوهيڙو

ڪکر بنا ڪڪري، جهڙ بنا ڪهڙو مينهن
عشق بنا ڪهڙو آدمي، نيڻن بنا ڪهڙو نينهن
سانول سارو ڏينهن، غفلت ڪندي گذريو.

* لاڏو *

طرز:- متان پنهنجي تون هلائين الائي چا ٻٽي ٿي

ٿلهه:- ادون مونکي بابي، پرڻايو پرديس ۾
هٿ قابو آهيان، وڏي قيد ۾ پينر قيد ۾.

١- ڏيئي ليتيءِ وڏو آ وڇوڙو
گهوٽ ننڍو ناهي، مليو اٿم پوڙهو
او ساري عمر گذاري ڪنگهه ليس ۾
جيڏيون مونکي بابي پرڻايو پرديس ۾.
٢- هار سينگار نہ سنبل ساڙهي
مٽي مارئي جي، هٿ جيڏي ڏاڙهي
او جيڪو وقت وڃائي ٿو ڪيس ۾
اديون مونکي بابي پرڻايو پرديس ۾.
٣- ڪاڻ پيٽ ڪٻن وٺي ٿو.
اباڻي وطن جو ڏيڏو وٺي ٿو.
هٿ ورهيہ لنگهي ويا هن ويس ۾.
٤- "سانول" ادا مان. سورن ۾ آهيان
جيڏين سرتين جهڙي ٻہ نہ آهيان
او شل ادل گهرائيندم سيگهہ ۾.

* ڏوهيڙو *

سورن مڙيوئي سور اج سورن جا ٻہ سنڌا
هڪ دل تہ ديوانا ڪيا ٻيو عشق ڪيا تہ انڌا
"سانول" ڪوليون تا ٻہ ڪنڌا تہ ٻہ پانڌي پوري ناپوي.

* لاڏو *

منهنجا ونهيا لاڏا شل راج ماڻيندين
راڄ ماڻيندين ڳاڙهي ڪنوار ماڻيندين
منهنجا ونهيا لاڏا..........

١- سکر جو سونارو گھر ۾ گھرايان
پنھنجي انڊڻ لاءِ چوڙا سان گھڙايان
پنھنجيءَ لاڏيءَ لاءِ منڊيون سان گھڙايان
کريان جان قربان کريان جند قربان
منھنجا ونھيا لاڏا ....

٢- پاٽولي لاڙڪاڻي جو ، گھر ۾ گھرايان
ننڍڙيءَ ڪنواءِ لاءِ ، ويس مان نھرايان
ننڍڙيءَ لاڏيءَ لاءِ ، سيج مان سينگاريان
کريان جان قربان ، کريان جند قربان
منھنجا ونھيا لاڏا ....

٣- شڪارپور جو حلوائي آڻيان
مٺڙن چاچين لاءِ ڪنڊون مان ڪپايان
مٺڙن چاچين لاءِ لڏون مان نھرايان
کريان جان قربان کريان جند قربان
منھنجا ونھيا لاڏا ....

٤- شرناڌي سنڌ جا گھر ۾ گھرايان
راڳيندڙ سنڌ جا گھر ۾ گھرايان
ڇيج جي شغل لاءِ ناچون مان نچايان
کريان جان قربان کريان جند قربان
منھنجا ونھيا لاڏا ....

(هيءَ لاڏو هز ماسٽرس وائس جي رڪارڊ تي پريل آهي.)

* ڏوهيڙو *

منهن مٺا منهنجا پرين   ٿــو منهن سڄايو ڇو
جي اٿو لالچ لوڀ جي   ته سعيو ڪريون سو
پر يار ڪبو ٿـــي پيو   ته منهن ڏسي موٽي وڃون

— • — • — • —

ڇي نڪا لالچ لوڀ جي   نڪو يار ڪيو اٿم پيو
جڏهن وجهه پيو   تڏهن ايندا سون به اکين سان.

* لاڏو *

ڏُو ڏُو داڻا ڇلا پراڻا
چلن ۾ ميندي ، ادل مڱيندي،
ڪاٿي مڱيندي؟ هالاڻي مڱيندي ،
هالاڻيءَ جي ڇوڪري ڪڍي ويا چور
چورن پاتي ڇاڏي، منهنجي مومل موٽي آئي.
....
راڻا وڃ نه ڇڏي، پکو مان جهليندي سانءِ
پکو مان جهليندي سانءِ، مور ڪين ڇڏيندي سانءِ
١ ـ هنڙا راڻل جا ، مينديءَ رتڙا
مينديءَ رتڙا ، مينديءَ رتڙا
ڳاني جوڙ ٻڌايو ، راڻا وڃ نه ڇڏي ....
٢ ـ اکڙيون راڻل جون ٻرن مشعالا .
آءُ فقيرو ريڊو؟ ماريا ڇا ڏسي ريڊبن؟
تنهنجون اکڙيون ڏسي ريڊس؟

اکين تان گول مول وٺين ،
ماريا ڪري ڪڏ ۾ پٺين ؛
ماريا واءُ وڪر وٺين، ماريا ڇا ڏسي ريڏين ؟
ڪاجل زور لڳايو- راڻا وڃ نہ ....

٤- ڏند لاڏل جا ماڻڪ ماتي ماڻڪ موتي، ماڻڪ موتي،
سرڪيءَ هيءُ رنگ لايو- راڻا وڃ نہ ڇڏي ....
(هي لاڏو هز ماسٽرس وائس رڪارڊ تي پريل آهي)

* ڏوهيڙو *

امڙ مون ڏي ڇا مڪو اڄ ميرو مٽيرو
مان امڙ ڏي ڇا منجان، اڄ جگر سنڌو جيرو
ڀاءُ ڪندم پيرو، کهڙيءَ ويل هنڙي .

لولي ١-

لولي لولي ڏيان لعل توکي
سائين ڪندو تنهنجي سولي- لولي....

١- مکڻ ڪارايانءِ ۽ کير پياريانءِ
تيل قليل ۽ عطر لڳايانءِ
هيرن جي جڙيل گهرايانءِ ڏولي- لولي....

٢- مٽ ماٽ سڀ خوش پيا ٿيندءِ
ڏول ڏيندءِ ڪيچ ۾ ڪٽندءِ
رنگ برنگي تنهنجي چمڪي چولي- لولي....

٣- ڀيءُ ماءُ جي ڇٽي ۾ رهندي
جواني ماڻيندين شل جوڙو ٿيندين
ساڻي هوندي تنهنجي سدا جهولي- لولي....
٤- وڏڙو ٿيندين اسڪول ويندين
پنهنجي وطن ۽ سماج جي شيوا ڪندين
”رانجهن“ چوي سندي تنهنجي ٻولي- لولي....

لولي ٢-

توکي لولي ڏيان - پٽ لعل گهڻي
شل گرو ڏيندءِ توکي عمر گهڻي
سمهه شانتي ڪري منهنجا وچن سڻي
توکي لولي ڏيان- پٽ لعل گهڻي
١- ڇيٺي ڇنڊ تي تنهنجو منڍ لهرائيندس
لعل مندر ۾ وڃي منائون ورهائيندس
پري حلوه جا ٿالهه ڪٽي
توکي لولي ڏيان • پٽ لعل ڪٽي
٢- جٽڻي تنهنجي تي پٽ بيند باجا گهرائيندس
نانو نـاني پيا ماڻٽ گهرائيندس
گهورون گهوريندءِ نوٽ ڪٽي
توکي لولي ڏيان- پٽ لعل گهڻي
٣- سهڻي ڪنوار توکي پرڻائيندس
”آتـم“ خوشيون جشن منائيندس
(راڳ- ڀيروي- لاڏو ڪورس ۾ زال مڙس)

چورس واچ

زال:- ڪين ڪائيندس، ڪين ڪائيندس- ڪين ڪائيندس مان
روٽي تنهنجي- گهوٽ منهنجا،
ڪين ڪائيندس مان- ڪين ڪائيندس...

مڙس:- ڪر نہ رسامو مومل منڙي، ڳالهہ پلا ڇا آهي
ڪر نہ فڪر تون ڪريان انجام،
جيڪي چوندس مان-

زال:- ڪين ڪائيندس، ڪين ڪائيندس- ڪين ڪائيندس مان
توتي ڪهڙو آهہ ويساهہ ،
نہ ڳالهہ ٻڌائيندس مان - ڪين ڪائيندس...

مڙس:- ڇري نہ تيءُ تون- ڇو ٿي روئين
ڳوڙها ڳارين هزار
بابي ڇهو ٿي- [زال- نہ]؟ امان ڇهو ٿي- [زال-نہ]؟
نہ تہ واڪا ڪندس مان

زال:- ڪين ڪائيندس، ڪين ڪائيندس، ڪين ڪائيندس مان
ڳالهين جو آن تون ڳوت، گهٽو ٿي،
هاڻي پيڪي ويندس مان ڪين ڪائيندس...

مڙس:- پيڪن جا ڇو دڙڪا ڏين ٿي،
مون ڪهڙي ڪئي آ چوري
خط لکانءِ تو بابهن کي- سهرو گهرائيندس مان

زال:- ڪين ڪائيندس؛ ڪين ڪائيندس- ڪين ڪائيندس مان
آ واڄ پرائي ماڀال منهنجو
ڪنهن ڪي سور پڌائيندس مان- ڪين ڪائيندس....
مڙس:- بس ڳالهه ته ايڏي ڪهڙي وڏي آ،
ٻوٽي ڇو پسائي ٿي
هار نه "چيتنا" ڳوڙها ڏه ڏه
واڄ ڇورس ڏيندس مان.

ڏيتي ليتي

ڏوهيڙو:- هزارن جي بازي لڳائي وڃي ٿي !
سري عام بي زبان- ڪهائي وڃي ٿي ! !
ڪٿي ڦهري ڪاتي- اهلاڪتائي وڃي ٿي!
ڪري ڪنهنجو گهر نيلام- محبت اٺائي وڃي ٿي!!

ٿلهه- هي ڪهڙي زماني جي مون سان عداوت
نه فرياد داخل- نه آهي عدالت

١- ٿرين روز اهلائون ڪرين پاپ پاپي
غريبن جا گهر ٿو ڪرين ناس پاپي
تڪين ٿو فقط تون- ٻين جي ڏراوت ....

٢- مٽائڻ ٿا اُن وڏڙن، جو منظور نه آهي
ٿئي نيلام محبت- ڇا دستور آهي
نه قانون محبت جو- هيءَ ڪهڙي شرافت....

٣- هن زماني جا نردئي، نہ ڪوايو زباني
ڏري پوندي ڏرتي، ٻڌي هيءَ ڪهاڻي
آه، بدليو زمانو- ايندي بغاوت....
٤- ڪنيا دان مطلب، نہ آهي اتياچار
وهائين ڻو ڳاين تي ڦهري هٿيار
تون نہ وڌ مون ڪان "ڇيتنا" آهي تنهنجي بناوت....

لاڏا

منهنجو آيو شهزادو

اڱڻو لاڏو، منهنجو آيو شهزادو،
در تي دهل وڄايو: او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو!
(١) سات ڪريوڙي سهاڳڻيون! ڳيچ خوشيءَ مان ڳايو،
جهولي جهولي جهمر پايو، او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو!
(٢) سنهري سينڌ ڪنوار جي، سندر ساڻ سجايو:
ميندي لڏڻ ڪي لايو، او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو!
(٣) زيور سارا سون جا، مينا ساڻ مڙهايو،
هيرن ساڻ جڙايو، او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو!
(٤) سيج تہ سرڪنڊ جي سڪيون، چادر ساڻ چمڪايو:
پونو تہ پٽ جو وڇايو، او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو.
(٥) پيئر پنيون مرادون-ن جون، ڏيويءَ عرض اڳهايو:
دولهہ پيال پيلايو، او....لاڏو لاڏي وني گهر آيو!

لاڏو لاڏي آڻيندو

لاڏو لاڏي آڻيندو، مٺي مومل مائيندو

من جون مرادون ٿو، دولهه پڄائي،
دولهه پڄائي، جهولڻ پڄائي....

(١) لاڏو لاڏيءَ لاءِ، زيور گهڙائيندو،
هارن ۾ هيرا، موتي مڙهائيندو،
مينا منڊين کي، هو چوکي چمڪائيندو،
سرتيون سوناري کي؛ گهر ۾ گهرائي،
گهر ۾ گهرائي، سڀ مان سڏائي،
من جون مرادون؛ ٿو دولهه پڄائي....

(٢) منهنجي لاڏل جا، ماما جي ايندا،
جيڏيون! جوڙل تان، سي گهورون گهوريندا
مرڪي مڱڻهارن کي، هو نوٽ ڏيندا،
رکندا نه ريزو، ويندا ورهائي،
ويندا ورهائي، خوش ٿي کپائي،
من جون مرادون، ٿو دولهه پڄائي....
ايڏا ساٽ چا جا، ايڏا سوڻ چا جا،
دهلن جي بدلي، آيا بئنڊ باجا،
گهوڙيءَ نه چڙهندو، هاٿي گهوٽ راجا،
وهندو موٽر ۾، هو سهڻو سوٽ پائي،
سهڻو سوٽ پائي، ڪارو بوٽ پائي،
من جون مرادون، ٿو دولهه پڄائي....

(٤) لاڏيءَ هٿن تي، مينديءَ ملي آ،
گويا گلابي، ڪچڙي ڪلي آ،
گهر ۾ سدائين، سڪ سان پلي آ،
ورجو ٻه هوءَ شال، وڏڙو وسائي،
وڏڙو وسائي، سڪ سهڄ پائي،
سڪ سهڄ پائي، سس سان نڀائي،
من جون مرادون، تون دولهه پڄائي ....

راڻو رسي ويو

سرتيون او سرتيون، جيڏيون او جيڏيون،
منهن جو روٺيءَ تان، راڻو رسي ويو،
منهن جو پاپڙ تان، پيارو رسي ويو،
منهن جي سوڊل کي وڃي، سڏي اچو،
منهن جي لاڏل کي وڃي، ڪوٺي اچو!
(١) اٿندي اسر جو، مون ٻهرين چانهن ڪاڙهي،
وجهي کير خاصو، ڪافي دير ڪاڙهي،
وٺي ڪنڊ وسري، ته ڏاڍو خفي ٿيو،
ڏاڍو خفي ٿيو، بيحد غصي ٿيو!....
(٢) پوريون تراير، سيرو رڌاير،
سيري ۾ سرتيون، ڪشمش وجهاير،
پستا نه پر پيا، ته نيرڻ ڇڏي ويو،
نيرڻ ڇڏي ويو، غم ۾ گڏي ويو!

(٣) گانگٽ گهرايم، گيهہ ۾ ترايم،
سرتيون؛ مصالح ٻہ، سارا وڄهايم،
ويو لوڻ وسري، تہ ڪاوڙ ڪري ويو،
ڪاوڙ ۾ ڪٽ جو؛ ڪٽورو پڇي ويو!....

(٤) سانجهيءَ جو سرتيون، ڪچڙي مون ناهي،
سوچيم تہ ڪيچن سان ويندو هو تہ ڪاٿي،
ناهيم نہ پر دال، دڙڪا ڏئي ويو؛
دڙڪا ڏئي ويو، گهٽ وڌ چئي ويو!....

نينگ ٺپا ڏئي

اهڙو جو مڙس، ماريو گهڻو نہ ٿو ڏئي،
گهڻو نہ ٿو ڏئي نہ تہ، ماريو نينگ ٺپا ڏئي!

(١) ناهيا ٿم مال، ماريو ڪري وينو ٽال،
ڪيڏانس ڏمال، تہ ٻہ نينگ ٺپا ڏئي!

(٢) رڌو ٿم پوڙ، ماريو ڪري وينو گوڙ،
ڪٽايانس نوڙہ، تہ ٻہ نينگ ٺپا ڏئي!

(٣) آندي اٿم ڪوٺي، ماريو ڪاڏي نہ ٿو روٺي،
الاريانس سوٽي، تہ ٻہ نينگ ٺپا ڏئي!

(٤) ورتي ٿم ساڙهي، ماريو ڪنهي وينو ڪياڙي
پٽيانس ڏاڙهي، تہ ٻہ نينگ ٺپا ڏئي!

(٥) ٻاتيون ٿم واليون، وينو ڪري ترڪتاليون،
ڏسي سهٽيون ساليون؛ ماريو نيگ ٺپا ڏئي!

(٦) ورتي تہ واچ، ڏاڍا ڪري ويٺو ناچ؛
پاڻي لنبي ڪانچ، ماريو ٽينگ ٽپا ڏئي!

مومل موهندي راڻل

او.... مومل موهيندي، راڻل ماڻن سان!

(١) هن لڏڻ ڪي ٻئنسر سهندي،
ڪن سونهن ڏکوڪن سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٢) چوٽا تيل ڦليل چندن سان،
هٿ رنگيندي ميندي سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٣) هن اڱڻ ۾ مان عطر ڇٽايان،
گهر سجايان گلڙن سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٤) لاڏل جي گهر ماما ايندا،
ماما ايندا ڙي مامين سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٥) گهوڙي لاڏل جي گهنگهرن واري،
گهوٽ گهمندو ڍهان سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٦) پهرين گرن کي پيرين پوندو،
ويندو ٽڪاڻي پنچن سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٧) لاڏل جـا سؤ سالا ساليون،
سهج ڪندو ساهرن سان،
او مومل موهيندي راڻل....

(٨) ڏيوي ڏينڊس پٽ جاڙا جاڙا،
گهر پريندو پٽڙن سان؛
او مومل موهيندي راڻل....

گاديلي گلن سان

اچا ته گهوٽ ماءُ ننڍڙي، لڏي ته ڪٽندم لاڏ،
جنهن جي گاديلي گلن سان، گاديلي گلن سان،
او گاديلي گلن سان، ادل جا مزمان،
جوڙل جا مزمان، لاڏل جا مزمان،
منهنجا لڌا تم ريل سان!....

(١) چوٽيءَ ۾ گل هڪڙو، چادر تي گل چار،
تنهن تي مومل ماڻ، جنهن تي گاديلي گلن سان،
(٢) اکڙيون ڪونج ڪنوار جون، سرمي سان سينگار،
ڪاجل ڪارو آڻ، جنهن جي گاديلي گلن سان....
(٣) ساهي سڄي آ سون جي، هيرن هار هزار
ڪنگڻ لاڏيءَ ڪاڻ، جنهنجي گاديلي گلن سان....
(٤) اوتيون عطر گلاب جو، هنڌن تي هر بار،
سيجن تي سرهاڻ، جنهنجي گاديلي گلن سان....

ساکيون

ڇوڪري

سنها ماڻهو سهڻا، لڪڻ جيان لهڪن،
پير ته جن جا پتڪڙا، جتيءَ ۾ چمڪن،
جتي جيسلمير جي، آندي استادن،
موهيو مونکي تن، جن کي لال موهيڙا منهن تي!

ڇوڪرو

تلها ماڻهو ترڪڻا، آلي صابڻ جيان ترڪن،
ڇڙهن ڏاڪا چار جي، ٿي ترڪي هيٺ ڪرن،
گهران نڪري اچن گهٽيءَ ۾ ساٿين سهڪيو پياسهڪن
موهيو مونکي تن، جن جي ڇهري تي چربي گهڻي!

ڇوڪري

اج چانور چاڙهيم چوج مان، ڪٿي وڃم هيڊ گڙي،
مکي مکڻ پچايم ڦلڪڙيون، وجهي ڪو ڪمرڙم ڪڙهي،
سگهو لالڻ آءُ لڙي، ڪٿي بک نه لڳئي بزار ۾!

ڇوڪرو

ڏاڍو رلندو هيس بزار ۾، آهي بک ته ڪيو بيزار،
مان خوش ٿي ڪائيندس اچي، اهي چانور چشڪيدار،
ڇڙيون سنهيون ڦلڪڙيون چار،
تون ته مکڻ سان مکي رکجانءِ!

ڇوڪري

جنهن ڳاڏيءَ ۾ منهنجو سڄڻ، تنهن ڳاڏيءَ ۾ اڄ سماءِ،
وڃي ڏيئي تان لهي اچو، منهنجي سوڊل جوتہ سماءِ،
شل مري ماتيلي ماءُ، جنهن پنڙو مڪو پر ڏيهہ ڏي.

ڇوڪرو

جنهن ڳاڏيءَ ۾ تنهنجو سڄڻ، تنهنکي لڳو نہ ڪو سوواءُ،
تنهنجو پرين وريو پرديس مان، ڪڻي آيو مال متاع؛
وٽ ڪوڪا ڦلڙيون سون جون، جن تي هيرن جوتہ جڙاءُ،
هيءَ واچ ولايت جي ڊٻيل، هيءُ سونو نونٿ نڪاءُ،
شل جيئي ماتيلي ماءُ، جنهن پنڙو مڪو هو پرڏيهہ ڏي.

ڇوڪري

چنڊ ڪڙيو چوڳان ۾، سائين! ڪڙيو ڪنولي وٽ،
راڻا! تو ڇاکون منهن موڙيو، پيلي مون ۾ ڪهڙي گهٽ
پلي شهر ڳهمي ڏس سٽ، مون جهڙي ملندءِ ڪين ٻي!

ڇوڪرو

چنڊ ڪڙيو چوغان ۾! مٺي ڪڙيو ڪنولي وٽ،
ڇو مومل تو نڪ موڙيو، هئي مون ۾ ڪهڙي گهٽ،
پلي ڳهمي ڏس شهر سٽ، مون جهڙو ملندءِ ڪونہ ٻيو!

ڇوڪري

اڍيون اڪڙيون منهنجي ڍول جون، جهڙيون ليمي جون ڦاڪون-
ڪاڏي نيزاپستا، ڪشمشون، پيون خاشيون خوارڪون،

ﭘائي سهڻيون ﭘوشاڪون نت گهمن وچي بازار ۾!

ڇوڪرو

ادا! اڪثر يون منهنجي لڏڻ جون جهڙا لاهوري بادام،
ڪائي ڪيچاﭘاپڙ بيسڻيون، ﭘيا ترڻيل ﭘڪل سڀ طعام،
وري دل اٿس خاصي ڪٺاڻ سان ڪائي ڪٺاقاروهان جام،
سهي سنيري صبوح توڙي شام، نہ تہ گهمڻ وڃي بازار ۾.

ڇوڪري

اڄ سڄڻ ڪو آ سڪ منجهان، مونکي مٿو ڪپوري ﭘان،
ڏند ڏاڙهون جا داڻا ٻڌيا، چپ ڳاڙهي صوف سمان،
منهنجو دل وارو ديوان، شل جڙيو رهيم جهان ۾.

ڇوڪرو

اڄ لڏڻ مڪو آ لاڏ مان؛ مونکي ريشم جو رومال
جنهن تي ﭘرت ﭘريل ڪشمير جو ڪيو ڪاريگرن ڪمال،
اهڙو عطر چنبيل ايران جو، جنهنجي مٺ ڪو نام مثال
ﭘر سنگهيم ذرا سرهاڻ جيئن، تيئن ڪريس ٿئي بي حال،
سهڻي جيءَ سندو جنجل؛ سڄڻي جي سرهي سوکڙي!

ڇوڪري

سهڻي صورت تنهنجي ڏولڻ، آهي سادي سينگاري،
تنهنجا ڏنگڙا ڦڏڙا ڏند ﭘيي جهڙي ڪشمش ڪنڌاري،
تنهنجو نمڙو مٺڙو نڪ آ، گويا سهڻي سوﭘاري؛
تنهن جي ميڇ تہ موچاري، ﭘر ڏاڙهي آهہ ڏکوئيو!

چوڪرو

مان ته هيئر وڃهايان ٿو وڃي، پنهنجي ڏاڙهيءَ ۾ ڏاٿو،
مونکي ڏاڻ اڳ ٿي آهه ڏنو، ڏاڍو اهنج ڪهٽو گهاٿو؛
آهي توبه به ڪيو آتو، ڏينهن ڏاڙهيءَ پورا ٿيا!

چوڪري

اڇي چني چٽ گهٽان، چوڻ چٽي ٻانهين،
هٿ ته اٿس هاج ۾، پر اکيون ايڏانهين،
سس نه ساعت ٿي سهي، ٿي ڏئي ڏورانهين،
مان ڪنهن ڪي منجان ڌانهين، ٿو ٻرين رهي پرڏيهه ۾.

چوڪرو

اڇي چني چٽ گهٽان، تنهنجي چوڻ چٽي ٻانهين
ڪجهه مال رهي سنڌوڪ ۾ آخر ايندس ايڏانهين،
مٺي! متان دل لاهين، اڇي پاٽيهي پڄندس ماءُ سان!

چوڪري

مان بيٺي آهيان در جهلي، سنڌوڪي سپردن آءُ،
توکي ڪارايان ڪيچا ترديل پيارا! پلي جو ته پلاءُ،
لهه سائين اڇي سماءُ- پنهنجي نذر نماڻي نار جو.

چوڪري

مونکي ساهيرين سچ ٿي چيو، سکي سوچي ڪج تون سيڻ
هٿ سس سهرو سهما ڏئي تا ور ور پٽن ويڻ
ڏس ڏنپ ڏهاڙي تا ڏين بنيا ڏير ڏيراٺي ڏين
راٺا رات به تنهنجيءَ پيڻ- مونکي پيٽ چڙهي پوندا ڏنا.

ڇوڪري

مون ته توکي اڳيئي ٿي چيو، اها سوڙهي پئنٽ نه پاءِ،
اهو ٽوٽن وانگر ٽوپلو، اها ٽيڊيلن جي ڏاءِ،
اها ٻڪر جهڙي ٻوٽ تي، ته ڏاڙهي ڪين رکاءِ،
نڪي ڪنهن فلمي اسٽارن جان، پنهنجا سهڻا ڪيس ڪٽاءِ،
سمهي سستن وانگر ڏينهن سڄو، اڻين مفت نه وقت وڃاءِ
يا ته ڪر سرڪاري نوڪري، وڃي دفتر سان دل لاءِ،
يا ته وڻجارو ٿي وڻج ڪر، هٿ حرفت سان هلاءِ
يا ته ڏورو وڃي پرڏيهه ۾، اُتي ناڻو خوب ڪماءِ
يا ته ڀڳت ٻڻي ڀڳوان جو، گڻ مالڪ جا تون ڳاءِ
يا ته سکيا وٺي سنگيت جي، وڃي باجا ڏڪڙ وڄاءِ
ڀلي ڀرتي ٿي فوج ۾ - دشمن کي دور ڀڄاءِ
نه ته زالن جان گهر ۾ رهي - ڪر رڌڻو، پڙو پڻ پاءِ
ويهي رنڌڻي ۾ ٿڦ روٽلاءِ - ٻيلي ٻارن کي نپاءِ
ڪي سوچ ذار ساڃاءِ، چئو توکي ڇا منظور آ؟

ڇوڪرو

مون ته توکي اڳيئي ٿي چيو، سوڙها ڪپڙا ڪين سباءِ
اٽين پينٽ، پٺيءَ پاڌهن وڻان، پنهنجي ڪوٺي ڪيني ڪٽاءِ
نڪي ناڻي لاءِ نٿلان جي، اها سنهڙي ساڙهي پاءِ،
نڪي لال لپسٽڪ لبن تي، نڪي منهن تي روج لڳاءِ،
تون هر نخريليءَ نار کي، پنهنجي ساهيڙي نه بڻاءِ،

اهو ورس پاڻسڻ جو ڪٺي، وڃ نوروزاڻ شاپنگ لاءِ
چڙي! چوڏهن ڪئرٽ سون جا، ڪوڙا زيور ڪبن ڳهراڻ،
ٿيءُ ڏاهي مون مسڪين جو، اڱين ڏبوالو نہ ڪياءِ،
ڪري اوڙي پاڙي جي ڳلا، مفت نہ وقت وڃاءِ،
ڪي سوچ ذرا ساڃاءِ، راڻي! ڪٽنيشن جي فند ڪي!

ڇوڪرو

مون ڪي نٿو وڻي اوناڪي، ڏيتيءَ ليتيءَ جو تہ رواج،
سٺا لڇڻ، سٺي تعليم آ، ونڙيءَ لاءِ سهڻو ڏاج،
ناهيان ناڻي جو محتاج، مونکي سائينءَ آ سڀڪي ڏنو،

ڇوڪري

مونکي ڪين توهان جا ٿا وڻن، وائي بادي ويچار،
منهنجو پيسو بي-اي پاس آ، مان تہ وٺندس ويهہ هزار،
سونيون چوڙيون جهومڪ ۽ منڊيون،
گهچ هيرن جا پيي هار
پڻ پلنگ پٿيهر، اطلسون، موڙا موچارا ڏڻ وار
نہ تہ ٿيندي پاڙي منجهہ پچار،
”وڃي سڱ تہ ڪيو ٿن سڄن سان!“

ڇوڪرو

مونکي پرواه پاڙي جي نہ آ، پڻ ماڻهو ڪن بدنام،
پر پيسوءَ ڪي نہ ڪندس ڪڏهن، مان ناڻي تي نيلا
اهو مرض بڇو آ عام، ٿا پٽ وڪڻن پئسا وٺي!

ڇوڪرو

پر ٻيسوءَ ماءُ بہ اِٽ هٿي، ورتا ويھہ هزار

آئي نئين لڏڻ ڀي لاڏ مان، رڳو ڪرڻ لڳي سينگار،

ڪڏهن گھرڻ لڳي ساڙهي نئين، ڪڏهن ريشم جي سلوار

هن ڪانہ لڌي گھر جي ڪڏهن؛ سائين ڪائي سار سنڀار

پيئي پوڙهيءَ ٻيسوءَ ماءُ کي ادا، ساري ڪم جي مار

نيٺ ڪنوار مٿان ڪاوڙ ڪري، هن ڪڍيا اندرجا خار،

تنهنتي ڪنوار بہ جھٽ ڏمڪي ڏنس، مان تہ اڄ ڏي ٿيانءِ ٿي ڌار

ڏي واپس ويھہ هزار، نہ تہ ڪيس ڪنديسانءِ ڪورٽ ۾!

....

ماتا جا اولاڻا

ٽل۔ ڏيوي ڏاڻ ڏيندي مهربان ٿيندي

ڏنڙا ڏوهه ڪٽي معاف ڪندي ۔ آيل تو شرڻ
ڏيوي پورهيا غريب جا ۔ پاند پائيندين، آيل تو شرڻ
منهنجي تون پلي آيم تو شرڻ
منهنجي ماڪن مڃي ڏيوي تو شرڻ ۔ تو شرن تو شام
تون پنهنجو پاڻ آيل تو شرڻ.

۱۔ ٿارونءَ رات ٻه ٿان ۾ مائي چونپر راند ڪري
سونيون ساريون روپاڍارا ۔ تون سولا ڍارا آيل توشرڻ.

۲۔ ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وات ۾ گاهه
پيرين پوندءِ ٻچڙي ماءُ.

۳۔ نينگر اٿي ننڍڙو ٻار ۔ تنهن تي رڪجانءِ هلڪو ٻار
جيءُ رکينس جان رکينس
اڪڙين تي احسان ڪريس ۔ آيل تو شرڻ.

۴۔ خانچند واري ڪوهه تي جيجل ۔ ٿڌڙا ٿا نار وهن
گل کي ڦيرو پاڻي ڏيندي
پري پري ٽمتار ڪندي ۔ آيل.......

۵۔ ٺٺي، نگر جون نينگريون ۔ ڻاني ناني ڪن
ڳاڙها پوتا مٿي جن جي
گهگهريون ٿيون لال سنهن ۔ آيل.......

٦- خانچند واري کوهه تي جيجل - اول پوکياسين ونگا
نانا ماما پوء پهربا اول پهربا لنگها -آيل ....

ستار جي باغن ۾ جيجل، تڏي رسيلي ڏاک
هنگلاج ۾ تنهنجو درشن ٿيو
سيوهڻ ۾ تنهنجي ساک - آيل

٨- جهلي مائيءَ جي جهر مر
پينگهي تي پوپٽ ڏينهن لڏي لال پينگهي ۾
راتيان کهنبي کٽ - آيل........

٩- کوٽ پريان ڪرڙي جيجل - تنهن پريان ڪاهي
سوني نوڙي روپي گنگهري
ڇم ڇم ڪندڙي آئي - آيل........

١٠- چبوترو چوگان جو ديوي تنهنجو گليءَ گليءَ ٿان
ديوي اڪا بہ وجهندس پيرين بہ پوندس
هڪ درشن ڏيو دان - آيل.......

١١- گلن پرڙي جهجهري جيجل تارن ڪرڙي رات
لوڪ ستو آهي ننڊ ۾ ديوي
مونکي تنهنجڙي تات- آيل....

١٢- امان لوڪ ستو ننڊ ۾ ديوي مونکي تنهنجي تات
تات تہ بارن ماهہ کي آهي
جنهنجي سڪ ۾ گذري رات-آيل....

١٣ ترشول پواني تنهنجي هٿ ۾ شينهن مٿان سواري
منڊڪ مٿي ڪنڊل ڪنن ۾
سويا تنهنجي نياري-آيل....

١٤ ماتا اڳ ۾ ناريءَ؛ هاڻي ڀنار ٻار ٻالڪ اٿئي ننڍڙو ٻار
جنهن تي رکجانءِ هلڪو ٻار
ڏجانءِ ٻچي کي جيءَ جو قرار-آيل....

١٥- ساڳيون ڳڻيون ۽ ساڳيا ڳهڻ
ٻالڪ گهمندو پنهنجي پير
مان سدا نريءَ تان وڃان قربان
جنهن تي ڪنو اس نند ۾ ڏاڻ-آيل....

١٦- سوياري شل سوب ڪندي
مون وٽ آئي آهي خوشيون ڪندي
امان خوشيون ڪندي شل خوش رهندي
ٻار تہ ٻانهيءَ کي ڀرائي ڏيندي-آيل....

١٧ ندي ڪناري نيندي سانءِ - ٻچڙا ڏناري ونديسانءِ
سندر جا تلڪ ڏيندي سانءِ - آيل......

١٨- جيجل آئي ٿر تان ۾ - کهڙي ڪريانس مهماني
پاٽ پسارن تڏڙا اولا
جان کهڙي ڪريانس قرباني - آيل.......

١٩- دهل دماما باجو ڇيري - نري راڻي آيم سولي پير

SOORIH SINDHI ADAB

نري ڏار ماتا صبر پيري - ..ن سان چوڏول چڙهي
اچڻ سان پٽ پينگهه چڙهي - نري راڻي اٿم سدا نري

٢٠- ڳانيون ٻه مائيءَ جون

مينهون ٻه مائيءَ جون، متيءَ واوڙو ڏڏ
مائي ماڻڏاڻي سرڪنڊ جي - جيجل ڪيڏڻ ڳلابي پـ..
ڏوگهرو جو تنهنجو لال وڏايو - رنيدي ونايم ٿي ڏڏ

٢١- انيون جيجل جون - آل ويايون گورا ٻال سندن
مائر جنهن جون آشا ونڊيون - چنڙا پٽ سندن.

ختم شد

هي ڪتاب همدرد پريس پٺا روڊ سکر ۾ ڇپيو

SOORIH SINDHI ADAB

اسانجا ڇپايل ڪتاب

”هندن جون ريتيون ۽ رسمون“

جنهن ۾ مصنف ڄاڻايو آهي ته هندن جون ريتون
۽ رسمون سائنس جي ڪهڙي بنياد تي ٻڌل آهن هر
هندو کي واقفيت ضروري آهي.

پنو ولائتي ـــ قيمت فقط ۲-۰۰ روپيه

گيتا جو ارڙهون اڌياءِ (گرمکي ۾)

شريمد ڀڳوت گيتا جو ارڙهون اڌياءُ جنهن
۾ شري ڪرشن ڀڳوان ڪرم جي بابت ۾ ارجن کي
ڪرو ڪيتر جي ميدان ۾ گيان ڏنو آهي.

وڏي گيتا سائيز ۵٦ صفحه ولائتي پنو ٿلها اکر

قيمت:- { بنا پلاسٽڪ ۲-۲۵ روپيه فقط
پلاسٽڪ ڪور ۳-۵۰ روپيه فقط

SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهہ اويار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488